**ليڪچرار رقيہ عامر**
سنڌي، گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج محرابپور
**ڊاڪٽر ادل سومرو**

# ”ڄاڻو ڄَڻِ ڄاڻِي“

## (سرڪاپائتيءَ ۾ لطيف جوفڪري فلسفو)

# “UNDERSTAND THE SPIRIT OF KNOWLEDGE”

***(The deep intellectual philosophy of shah Latif in sur kapaiti)***

**Abstract:**

Latif has made an example of spinner in society as a pious human. He also used this profession as a tool for transferring the message of social values. He intended to make the spinning as a main target to be achieved by a person in society, For achieving such goal a person should be honest and true to his profession. For that reason, the spinning remained as an interesting topic for Shah Latif and he also emphasizes a common man for purifying his inner soul. Latif tried to make unity among the Sindhi people. This unity can’t be achieved by animosity, for that purpose love should be preached and only then it will be easy to transfer it from one heart to another heart, after that humans can only achieve the unity, brotherhood, development and happiness in their lives.

The philosophy that Latif has compressed in this chapter is not only to show a person his own reflection but also described his reasons of his birth, struggle and also his soul’s secrets. He has also compressed Sindhi culture, economical problems and history. In this chapter he used words, spinning, husband, and goldsmith, spinning wheel, fibers, cotton and place for keeping spinning machine, as symbolization. Latif has very deep affections to his people while feeling their sorrows and their difficulties he tried to encourage them for a change and used many terms such as fibers, spinning wheel, gold, goldsmith, aith, rope etc. which provides imagination to everlasting truth and realism.

تـوڙي تـُون ڪـاتارِ، جِـمَ هـيـڪَلِي پـيـرِئـيـن،
ڏِسـي ڪـا ڏُٺـارِ، صـرافَ اِنـهـيءَ سُـٽَ ۾.

”ڪاپائتي“ ڪاتار، ڪتڻ واري عورت. هن سر ۾ چرخي يا اَئٽ، آتڻ ۽ ڪتڻ وارين عورتن جو ذڪر مليو ٿو.ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن سر جو مرڪزي نڪتو

مسلسل جدوجهد ۽ پورهئي سان پيار آهي. لطيف هن سر ۾ چرخي کي انساني جسم سان علامت ڏني آهي. جيئن چرخو ٺهيو ئي چورڻ لاءِ، جيڪو ڪپڙي ڪتڻ ۽ چرڻ سان سهڻو ۽ ڪارائتو لڳندو، ائين انسان به عملي جدوجهد سان ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو. ڊاڪٽر غلام نبي سدايو لکي ٿو ته ”لطيف سر ڪاپيائتيءَ جي علامتي انداز ۾ سنڌي سماج جي معاشي ۽ سماجي مسئلن کي نبيرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ”ڪاپائت“ ( spinner) هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا هنر مند ۽ ماهر جي مفهوم ۾ ظاهر ٿئي ٿي“.(1) هن سر ۾ لطيف انهن هنرمندن جي هنر کي مختلف علامت سان بيان ڪيو آهي، جنهن ۾سنڌ جي خوشحاليءَ سان گڏ، انهن تاريخي تباهه ڪارين جو به ذڪر ڪري ٿو، جنهن جي ڊڃڻ سان هر انسان جو هينئون لوڻ ٿيو پوي. هن سر ۾ ڪاپائتي، ڪانڌ، صراف، چرخو، سٽ، پوڻي ۽ آتڻ، انهن لفظن ۾ علامت نگاريءَ جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو.ڪاپائتي محنت، مشقت ۽ جدوجهد جو هڪ Symbol آهي. لطيف جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته، سندس سمورو ڪلام جهدِعمل جو پيغام ڏئي ٿو.لطيف هن بيت ۾ فرمايو آهي ته:

اَڄُ پڻ اُڄَهڻَ کي مَرِين، نَه ڪي ڪِتُئي ڪالَ،
مونا اُتجي اَڪَڙِئا، اَرَتَيَرِڪي مالَ،
هَئي! تَنِيجي حالَ، جَن ڪاپي مَنجهان ڪِينَ ڪَيو.

هيٺ هن بيت ۾ لطيف انسان کي وقت جو احساس ڏياريندي، ڪيئن نه محنت جي اهميت پڻ ڏئي ٿو.

هيءَ هَڏِ وِهاڻي، جان ڪَتين تان ڪِٽُ،
ڪو پنَهِنجي لَڳِ، پيري ڪِجِ پَرَٽُ،
مَتان روئين رَٽُ، صُبُحَ وِچِ سَرَتيين.

هن سر ۾ جيڪي فڪري پهلو نظر اچن ٿا، ان ۾ هڪ روحاني، ٻيو پيار ۽ محبت سان پورهيو ڪرڻ، ٽيون ڪپڙي جي صنعت ۽ سنڌ جي تباهه حال صورتحال ۽ قومي اجتماعيت جو عنصر، سان گڏ هن سر ۾ تاريخي پهلو ملي ٿو.هن مقالي ۾ مختصر پر جامع انداز سان سر ڪاپائتيءَ جي فلسفي تي نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

**روحاني فڪري فلسفو:**

جيڪڏهن غور ڪجي ته انسان جو من ان چرخي مثل آهي. ان مان روحاني مراد رب ڪريم جي بندگي ۽ عبادت، ڪاتار اهو سالڪ جيڪو رب کي راضي ڪرڻ لاءِ فڪر جي پهلو کي من ۾ آڻي. سٽ مان مراد ان سالڪ جي ڪمائي ۽ ڦل، صراف ان ڪيل ڪمائيءَ جو ڪاٿو ۽ ملهه ”ثواب“ جي صورت ۾ مقرر ڪندڙ آهن. ”دنيا آخرت جي کيتي آهي.انسان جيڪي پوکيندو سوئي لڻندو.اهو هڪ عالمگير

اصول آهي تہ محنت جو صلو ضرور ملندو آهي. پر محبت ڪان وانجهيل محنت جو مثال بنا ڪنڌ جي ڪير جهڙو آهي. جڏهن محنت ۾ محبت جو عنصر شامل هوندو تہ گو يا سون تي سهاڳي وارو ڪم ٿي ويندو".(2)لطيف جو هي سر ٻين سرن وانگر روحاني رازن جو ڀنڊار آهي. روحاني سجاڳي ۽ زندگيءَ جو مقصد، وقت جي اصل اهميت جدوجهد جي تلقين ڪندي، سالڪ کي ڪاتار ٿو سڏي، ان کي هن سر ۾ سڏي راهہ ٻڌائي ٿو. جيئن تہ زندگي تحرڪ جو نالو آهي، غفلت ۽ ماٺ موت جي نشاني. وِيلُوقت وري نہ ورندو، لطيف سٽ ڪتيندڙ عورت کي علامت بڻائي، سالڪ کي وقت جي وقعت ٻڌائي ٿو.پورهيت خدا جو دوست آهي، الله پاڪ بہ انهن ٻانهن تي ٻاجهہ ڪندو آهي، جيڪي وقت جو قدر ڪندي جُهدِ مسلسل جو دامن هٿان نہ ٿا ڇڏين.لطيف هن سر ۾ وقت جي قدر ڪرڻ لاءِ سالڪ سان هن طرح مخاطب آهي:

ڪَتَڻَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ،
صُبُحَ ايندءِ اوچِتي، عِيدَ اگهائِن گَڏُ،
جِتِ سَرَتيُون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سنيِگارَڪي.

يا

سي تو ويهي وِڃائيا،جي ڪِتَڻَ سَندا ڏينهن،
اَرٽَ اوڏِي نہ ٿئين، پوري! پوري سينءَ،
ڪَنڌُ ڪَٽِندِينءِ ڪيئن، اَگِڻِ عَجِيبَن جي؟

الله پاڪ جي عبادت جي لاءِ لطيف انسان کي نصيحت ڪندي سجاڳ ڪري ٿو. جيڪي محنت ڪرڻ ۽ جاڳڻ جون راتيون ۽ ڏينهن تو ويهي وڃايا، يعني جوانيءَ جي قيمتي ڏينهن کي گمراهيءَ ۽ لاپرواهيءَ ۾ نہ گذار، پنهنجو وقت سجايو ڪر، ڪريم رب جي ڏسيل احڪامن ۽ فرضن جي وقت سر ادائگي ڪر. آخرت ۾ جڏهن انسان کان عملن جو پڇاڻو ٿيندو، پوءِ تون ڇا پيش ڪندين؟، ٻيا جن دنيا ۾ محنت جي مفهوم کي سمجهي پنهنجي وقت جو قدر ڪيو، انهن جي لاءِ آخرت ۾ وڏو انعام آهي. پوءِ تون اي! غافل انسان اتي ٻين جي ڪاميابي ڏسي سگهندين! ان سلام کي جيڪي جنت ۾ انهن ڪامياب ٻندن تي رب ڪريم سلامتيءَ جا سلام موڪليندو.هي دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي هتي انسان کي مقصد جا موتي ميڙڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙڻو پوي ٿو.دنيا جي وهنوار ڏانهن نظر ڪٽي نهاربو تہ اهو ئي اصول ڪارفرمان نظر ايندو. زندگيءَ جو صحيح مفهوم عمل سان اجاگر ٿئي ٿو ۽ حياتيءَ جي تعمير سخت محنت ۽ عمل ۾ ئي سمايل آهي.

**پيار ۽ محبت سان ڪتڻ جو فلسفو:**

لطيف ڪاتاريءَ جي تمثيل ۾ سماج کي هڪ آدرشي انسان جو تصور ڏنو آهي.ڪتڻ هڪ وسيع سماجي اخلاقي قدر جي پيغام رساني جو اوزار يا ذريعو ڪري

ڪتب آندواٿس. اخلاقي معيار جي حيثيت ۾ڪتڻ انسان جي زندگيءَ جو نصب العين هجڻ گهرجي، ان مقصد جي حاصلات لاءِ انسان جي ذميواري، هڪ سچائي آئيندي جي اَوِنَ جو سبب ۽ ڏاهپ جو عمل آهي.ان ڪري ”ڪتڻ“ لطيف جي پسند جو موضوع رهيو آهي ۽ عام انسانن کي آتڻ اجارڻ جي تلقين ڪري ٿو.”لطيف سنڌي سماج جي قومي بقا ۽ بحالي لاءِ يگانگت ۽ اتحاد قائم ڪرڻ ٿي چاهيو، اهو اتحاد پاڻمرادو ۽ نفرت سان، قائم ڪونہ ٿي سگهندو. ان لاءِ محبت جو عمل عام ڪرڻو هو.محبت سان ڪيل هر ڳالهہ هڪ من کان ٻي من ڏانهن منتقل ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ ۾ ئي انساني اتحاد پائيچاري، ترقي ۽ خوشين جو سامان لڪل آهي“.(3) لطيف سر ڪاپائتيءَ ۾ محبت جي اهميت ۽ دل سان جدوجهد ڪندڙن جي عظمت بيان ڪئي آهي، اتي نفرت ۽ من ۾ مدائي ۽ بغض رکندڙ انسان جي لاءِ چيو آهي تہ:

چـاوَتَ پـائـي چِـتَ ۾، سَـنـهـون ڪِـتـو جَـن،
تـن جـو صَـرافَـن، دُڪـو ئـي داخِـل نـہ ڪِـيـو.

لطيف هن بيت ۾ صاف ڳالهہ ڪري ٿوتہ جن انسانن سماج لاءِ اونهو غور و فڪر ڪيو، پنهنجي دل ۽ دماغ کي ڪم ۾ مصروف عمل رکيو، پر انهن جي فڪر ۾ بغض ۽ حصد سمايل هو. ان جي محنت ذاتي مفاد لاءِ هئي، ان محنت ۾ انسان ذات جي ڀلائيءَ بدران نفرت، ڏڪار، ڪينو ۽ برائي ڇپيل هئي. انهيءَ ڪري صرافن، پارکو ڏاهن توڙي عام انسانن ان کي سچاڻي ورتو، پوءِ ان جي ڪيل جدوجهد جو ملهہ ئي نہ ٿيو. اها ڪنهن بہ انسان جي فائدي لاءِ نہ هئي، پر اها محنت انسان جي لاءِ نقصان ڪار هئي، تڏهن ان کي اها اهميت ۽ مان نہ مليو. ان ڪري لطيف وٽ اهڙا مثال انسانن جي سچاڳيءَ لاءِ ڪيترائي ملن ٿا، جنهن ۾ محبت جا مذڪور بيان ٿيل آهن.ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو لکي ٿو تہ ”جتي نفرت ۽ ٻيائي کي من ۾ جاءِ ڏيئي، ظاهر داري جا اصول اپنايا وڃن، اتي ڪاميابي قطعيماڻي نہ سگهبي.”سٽ“ جيڪو ڏاڍي جو روپ آهي، سو هن بيت ۾ لطيف وٽ انساني تصور ۾( Concept) بڻجي اڀري ٿو. انسان کي ظاهري اسبابن سان نوازي، يعني سٽ کي سنهو ڪتي ان جي من ۾ محبت پيدا ڪري نٿي سگهجي. عقوبتن سان ڪنهن کي پنهنجو ڪرڻ ڏاهپ جي خلاف آهي.ان جو واحد علاج پنهنجي من مان مير ڪيڍڻ آهي، پر ظاهرداري انهي رسم جا پوئلڳ هئا ۽ لطيف ۽ سندس ساٿي، ان سڄي نظام جي خلاف هئا.سنڌي سماج ۾ محبت وارو قدر ڪائناتي آهي جنهن کي فڪري طور تي مختلف مفهوم ۾ ادا ڪري سگهجي ٿو“.(4) لطيف چوي ٿو:

مَـحَـبّـتَ پـائـي مَـنَ ۾، رَنـدا روڙيـا جَـن،
تَـن جـو صَـرافَـن، اَڄَ تـوريـو اَگـهـائِـيـو.

جڏهن ڪاپائتي جي من ۾ محبت، سچائي ۽ خلوص آهي، تہ پوءِ ان جو

ڪتيل ست ڪٽي کھڙو بہ چو نہ ھجي، صرافن جي سچاڻ ڪان پوءِ ان ڪي تور تڪ ڪان سواءِ ئي اگھايو ڇڏين.جنھن ڪاتار ۾ سستي، ڪاھلي ۽ غفلت ناھي، تہ پوءِ صراف وٽ اڻ توريو اگھيل آھي.لطيف انھن جي نشاندھي پڻ ڪري ٿو تہ جن وٽ تڪ نہ ملھہ، اھي صرافن سان خوش آھن، جو انھن وٽ سچ ۽ سچائي جو عمل آھي.سندن دل محبت سان پريل،انھن جا ھٿ ڪٽي سھٽي ھنر وارا نہ بہ آھن، پر من ۾محبت، سچائي،۽ عملي جدوجھد ھجڻ ڪري، ھر ھنڌ انھن جي عزت ۽ مان آھي.

ان ڪري دنيا جي مشھور فلسفي، خليل جبران محبت ۽ محنت متعلق سھڻا خيال ٻڌائندي لکي ٿو. ”محنت جو بھترين مظاھرو محبت آھي.قدرت ڏينھن رات محنت ڪندي رھي ٿي. انھيءَ لاءِ انسان سبق سکي، چو تہ حياتي امنگ ڪان سواءِ بي معنيٰ، امنگ عقل ڪان سواءِ انڌو، عقل محنت ڪان سواءِ خالي دھل ۽ محنت محبت ڪان سواءِ ھڪ عذاب آھي. ڪوري ڪپڙو ٿو اُٽي، ڪيس گھرجي تہ ھڪ ھڪ تار اھڙيءَ محنت ۽ محبت سان وجھندو رھي، جو ڄڻ تہ اھو ڪپڙو پنھنجي محبوب لاءِ ٿو تيار ڪري. رازو گھر ٿو ٺاھي، ڪيس ھر ھڪ سِرَ اھڙي پريم سان ھڻڻ گھرجي ڄڻ تہ انھي گھر ۾ سندس پريتم اچي رھندو“.(5) لطيف انھن ٻن ٻيتن ۾ انسان جي نيڪ نيت ۽ عملي جدوجھد لاءِ سچ جو اھو معيار ٻڌايو. جڏھن ڪاپائتي تڪبر ۽ وڏائي سان سنھون ڪتي صرافن آڏو آڻي ٿي، تہ دڪو ئي داخل نہ ٿو ٿئي.اھا غرور ڳاڏڙ محنت ضايع ٿيو وڃي.ان ڪري ڪتڻ سان گڏ ڪنبڻ ۾ ڪاميابي آھي.جنھن لاءِ لطيف چئي ٿو:

ڪوجو وَھُ ڪاپائِتين، ڪَنبَنِ ۽ ڪِتَنِ،
ڪارَڻِ سُودَ سَواريُون، آتَڻَ مَنجِھہ اَچِنِ،
اُنِ جي سُونھَن، سَيّدُ چي، صَرافَ ئي سِڪَنِ
اَگِھيا سُٺَ سَندِنِ، پائي تارازِيءَ نَہ توريا.

وڏائي صرف الله جل شانہ جي ذات پاڪ کي جڳائي ٿي، جنھن ساري ڪائنات جي خلقت ڪئي. ليڪن انسان ان جو ٻانھون آھي، پنھنجي عملن تي وڏائي ۽ تڪبر ڪرڻ جو حق نہ ٿو رکي. محنت سان ٿيل انھن عملن ۾ جي خود نمائي جو عنصر نہ ھوندو تہ اھو الله پاڪ وٽ قبول نہ ٿو پوي.ليڪن من ۾ محبت، پيار ۽ پاٻوھہ، سچائي سُچيتي سان سٺ ڪتيل، ڪٽي سادو، ٿلھو ۽ کھرو ئي ڇونہ ھجي، صراف ان کي اگھائي ڇڏيندا .اھڙي طرح جڏھن انسان ۾ ڪيترين ئي ڪوتاھين ھجڻ باوجود خلوص دل سان رب پاڪ جي حضور ۾حاضر ٿي بخشش گھرندو، تہ رحيم رب انھن ڪمين ڪوتاھين کي پردہ پوشي ڪري، مٿس رحمت جي نگاھہ ڪندو، ۽ عاجزي ڪندڙ انسان جاگيرب ڳاڏڙعمل اگھي وڃن ٿا.الله پاڪ دلين جا ڀيد خوب ڄاڻندڙ ۽ دلين جو پارکو آھي.

**ڪپڙي جي صنعت، ترقي ۽ زوال:**

ڪاپائتي، ”ڪتيندڙ“ لطيف ان کي مرڪزي حيثيت ان ڪري ڏني آهي، جو ڪاتار جي ڪتيل سٽ مان ڪپڙو نهي ٿو.سر ڪاپائتيءَ ۾ لطيف سنڌ ۾ نفيس ڪپڙي جي تيار ٿيندڙ تند ۽ هنر مند پورهيتن جو ذڪر ڪندي، ڪپڙي جي صنعت ۾ تنزل جي اسبابن جو پڻ تاريخي تجزيو پيش ڪيو آهي.”اهو ڪپڙو انسان جي اگهاڙپ ڍڪي، انسان کي انسان بڻائي ٿو، اهو چرخي جوڙيندڙ ۽ دنيا جي پهرين ڪاتار جو وڏو ڪارنامون آهي، جڏهن انسان اگهاڙو گهمندو هو تہ انسان ۽ جانور ۾ ڪابہ تميز نہ هئي. پر جڏهن ان سالڪ ڪپھ جي تند ڪتي ڪپڙو تيار ڪيو، ۽ انسان اهو ڪپڙو پنهنجي تن تي ڍڪيو تہ هو ظاهر ظهور انسان بڻجي پيو، ۽ جانور ۽ انسان ۾ تميز ٿيڻ لڳي“.(6) انسان جي فضيلت ۽ رتبو ان اڄ بہ ڪپڙي جي ورن ۾ لڪيل آهي. جيڪو ڪنهن کي پورهيت ۽ غريب تہ ڪنهن کي تونگر ۽ بادشاهہ ظاهر ڪري ٿو. انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ سنهي تند ڪتيندڙ ڪاپائتيءَ جي ڪمزور هٿن انسان جي ڪيڏي وڏي سماجي رتبي جي تعمير ڪئي آهي. جيڪو هزارين سالن کان تهذيب، تاريخ ۽ سماجيت تي حاوي نظر اچي ٿو. جيستائين عالمگير سماج ۽ سائنسي ارتقا ۾ اڳواڻ قومون مڪمل مشيني زندگيءَ جي درجي تائين نہ پهتيون هيون، پر ان وقت بہ سنڌ ڪپڙي سازي جي ٽيڪنالاجيءَ جي سرواڻ رهي آهي.

ان ڳالھ جي وضاحت ۾ پيرومل پنهنجي ڪتاب قديم سنڌ ۾ لکي ٿو، ”جنهن زماني ۾ قومن کي اجان پنهنجي بُت ڍڪڻ جي سڌ بہ ڪانہ هئي تنهن زماني مان ئي سنڌو ماٿر جا رهاڪو ايتري قدر ترقي ڪري ويا هئا، جو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا ۽ ٻين کي بہ خلعتون ڍڪائيندا هئا“.(7) لطيف سموري سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت اکين سان ڏٺي، جيڪا هزارن سالن کان سنڌ ۾ قائم هئي.سترهينءَ ارڙهينءَ صدي عيسويءَ جي اوائل ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڪافي شهر هئا، جيڪي ڪپڙي جي صنعت جا مرڪز هئا. ڊاڪٽر ڇٻلاڻي جي تحقيق مطابق انهن مرڪزن ۾ ”مکيہ مرڪز ٺٽو، نصرپور ۽ سيوهڻ هئا. ان کان سواءِ ننڍا ننڍا مرڪز تہ ڪئين هئا، جن ۾ ڪنڊيارو، دربيلو،بکر ۽ سکر، روهڙي ۽ گمبٽ، بوبڪ ۽ سن مکيہ هئا.انهن شهرن ۾ چڱي تعداد ۾ ڪپڙو تيار ٿيندو هو، جو هندستان ۽ پر ڏيهي واپاري اچي خريد ڪري ويندا هئا“.(8) اهڙي طرح سنڌ جي قديم دور کان ڪپڙي جي صنعت بابت ڪيترن ئي تاريخن ۾ پڻ شاهديون ملن ٿيون. انهن ۾ هڪ انگريز لکي ٿو تہ ”ٺٽي ۾ ڪورين جا ٽيھ هزار ڪٽنب آباد آهن، جيڪي عاليشان قسم جا چونڪڙيءَ تي ”ڪيس“، بافتا، تيار ڪن ٿا ۽ جن جي ايران ۽ ترڪيءَ ۾ گهڻي کپت آهي“.(9) سوڀر شاهنواز جو خيال آهي تہ ”نادر شاهہ جي حملي وقت (1739ع) ٺٽي ۾ سوٽي لونگين جا اٽڪل

چاليهه هزار ڪاريگر موجود هئا“.(10) سنڌ جي ململ دنيا ۾ مشهور هئي، مختلف ملڪن جا سوداگر اچي اهو قيمتي ڪپڙو سنڌ مان خريد ڪري ملڪان ملڪ پهچائيندا هئا. اهڙيون ثابتيون سياحن جي سفرنامن ۽ تاريخن مان تہ ملن ٿيون. پر لطيف ان ململ ۽ ان جهڙي هنرمند سليقي سان ڪتيندڙن، اوزارن ۽ آتڻن کي سر ڪاپائتيءَ ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن مان سنڌ جي ثقافت نمايان نظر اچي ٿي.هڪ مشهور سياح سليمان تاجر پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو تہ: ”هن ملڪ ڪان سنهون ڪپڙو ڪٿي بہ نہ ٺهندو آهي، سوٽي ڪپڙو ايترو تہ نفيس ۽ نازڪ ٿيندو آهي جو سولائيءَ سان منڊيءَ ۾ اچي سگهي ٿو“.(11) سنڌ جي ان نفيس ململ جي ڪپڙي تي ان وقت جو راجا پنهنجي خاص مهر لڳائيندو هو. جيڪا دنيا ۾ سنڌ جي ململ جي سڃاڻپ هوندي هئي. ان ڳالھ جي وضاحت رحيمداد خان مولائي شيدائي ڪندي لکي ٿو ”ڪوري عمدو ڪپڙو اڻندا هئا، خاص ڪري هالا ڪندي جون ململون راجا جي مهر لڳائڻ کان سواءِ ٻاهر وڃي نہ سگهنديون هيون“.(12) اها ململ تمام باريڪ ۽ لسي تند سان اڻيل هوندي هئي،اهي هنرمند وڏي تاڪيد ۽ توجهہ سان ڪپهہ تنبائي پڃرائيندا هئا، لطيف ان ململ جي لاءِ تصديق ڪندي بيت ۾ هڪ پاءُ ڪپهہ جو ٻڌائي ٿو، جنهن مان ململ جو تاڪيو ٺهندو هو، جيڪا باريڪ ۽ نرم ايتري جو منڊيءَ مان هلي وڃي.اهڙي ململ ٺاهيندڙ هنرمند سنڌي ماڻهن لاءِ لطيف چئي ٿو، جن کي اها قيمتي شيءِ جي اهميت ۽ ڄاڻ ملي، انهن ڄڻ تہ سون ڪمايو.اهڙو ذڪر لطيف هن بيت ۾ هن طرح ڪيو آهي.

تُنبائي تاڪيد سين، جَنين پِڃايو پاءُ،
لَسِي تَندُ، لطِيفُ چي، هَلي تَن هَٿاءُ،
مَلمَل مَنهنجان ماءُ!جي سِڪِيُون تَن سون ڪِيو.

سنڌ ۾ اهڙي اعليٰ قسم جي ڪپڙي جي صنعت عام هئي.ان جو هڪ مثال انگريزن جي قائم ڪيل ڪوٺيءَ جي رڪارڊ مان ملي ٿو، جنهن مان سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت بابت لکيل آهي. ”نصرپور ڪپڙي جي ڪري مشهور آهي. هتي ٽي هزار ڪورين جا گهر آهن. سيوهڻ ڪپڙي جو مرڪز آهي جتي هڪ هزار ڪورين جا گهر آهن،ٺٽي ۾ ٽيهہ هزار ڪورين جاگهر آهن. هتان جو ڪپڙو ايران ۽ ترڪي تائين پڻ ويندو هو. ٺٽي ۾ ٽيهہ هزار آڏاٽا آهن“.(13) لطيف جي دور رس نگاهہ کان اهي تجارتي ۽ واپاري مرڪز پري نہ هئا.ڏيهي وڻجارن جون ڏيساور لاءِ تياريون ۽ پرڏيهي واپارين جي سنڌ ۾ اچ وڃ سندس نظرن کان اوجهل نہ هئي، انهن جي سرگرمين جي سياسي مقصد کان پڻ واقف هئو.لطيف هڪ بيت ۾ پنهنجي ملڪ جي سنهي سٽ ڪتڻ وارن جي اهميت ٻڌائيندي چوي ٿو، عرب جي صحرائي ماڻهڻ ڏاس جو ڪاپو پيا ڪن، هوڏانهن ڪابل جا ڏونگر واسي بہ ڪاپي ۾ رڌل آهن، پر

هتان سنڌ جي ست جي ڳالهہ ٿي اور آهي:

ڪي اوبين عَربَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجهہ ڪِتَن،
سُـٿُ اُنِ جـو سَـڦَـرو، مَـٽِـيـو مـاڻـڪَـن،
قـادُرَ ڪـيـمَ ڪَـڍِنِ، ٽـيـلـهـي ٽُـلـهـي وارِيُـون.

(ڪلياڻ آڏواڻي مرتب: شاهہ جو رسالو، سر ڪاپائتي)

سنڌ جي اها شاهوڪار ڪپڙي جي صنعت جو لطيف عروج پنهنجي اکين سان ڏٺو. جڏهن خوشحالُ سنڌ جي آڏاڻن ۾ آتڻن کي ويران ٿيندي لطيف اکين سان ڏٺو، تڏهن لطيف جهڙي دردمند ۽ وطن دوست انسان جو من لوڻ ٿيڻ لڳو. سنڌ جي ان صنعت جي تباهيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ اهي خود دار انسان ڪئين تباهہ ٿيا؟ ٺٽي جو شهر يا لاڙ جو علائقو اهو اوج وري حاصل ڪري نہ سگهيو، جيڪو تاريخن مان ملي ٿو. سنڌ کي تباهي جي حد تائين پهچائڻ ۾ جاگرافي ۽ اتفاقي حالتن کان وڌيڪ وڏو سبب سنڌ جي سياسي حالت هئي.ميان يارمحمد ڪلهوڙي کان نورمحمد ڪلهوڙي تائين مسلسل سنڌ اندرين ۽ ٻاهرين جنگن جو شڪار ٿيندي رهي،جنهن جو سمورو اثر عوام کي ڀوڳڻو پيو، رهيل ڪسر وري نادرشاهہ جي حملي پوري ڪئي. "نادري لشڪر سڄي ملڪ ۾ ڦرلٽ جي بازار گرم رکي، ڪو گهر،ڪو ماڻهو سندس چيره دستي ۽ ظالمانہ ڦرلٽ کان آجو نہ رهيو. نادر شاهہ ڪروڙين رپيا ڏنڊ طور پاڻ سان گڏ کڻي تہ ويو، پر لکين رپين جون ڍلون ملڪ تي مڙهيندي، آباد علائقن کي ويران ڪندو هليو ويو. ملڪ مٿان ڳرين ڍلن جي ادائگي سبب سنڌ جي اقتصادي۽ معاشي حالت پٽي پئجي وئي.اجان سنڌ سک جو ساهہ کيون ئي نہ تہ مٿان احمد شاهہ ابداليءَ جي ڪاهہ،سنڌ انهن سانن جي ويڙهہ ۾ لتاڙجي ويران ٿيڻ لڳي".(14) سنڌ جي ان سموري صورتحال کي لطيف هن بيت ۾ بيان ڪيو آهي:

نـہ سـي وَوڻ وَڻـن۾، نـہ سـي ڪـاتـارِيُـون،
پَسِـيـو بـازاريُـون، هِـيـنـئـڙو مُـون لُـوڻُ ٿِـئـي!

لطيف سنڌ تي نادر شاهہ واري حملي جي تباهيءَ جي ڪيڏي نہ سٺي تصوير هن بيت ۾ بيان ڪئي آهي. هڪ ٻئي بيت انهن ڪتڻ وارين جي ڪال بابت بيان ڪندي چئي ٿو:

اولاڻِـيـان اَرٽ، ڪـيـڏَهَـن ڪِـتَـڻَ واريـون؟
پَـهِـيُـون مَـٽـي پَـٽَ، لُـڙجَـن لاڪِـيـئَـڙن جُـون.

نادري حملي سنڌ جي فصلن کي تباهہ ڪيو،گهر گهر ۾ ماڻهن کي لٽيو ۽ ڦريو قتل عام ڪيو، جو ٺٽي جي رستن تي رت جا درياهہ وهڻ لڳا. سنڌ جا هنر مند ماڻهون ان حملي سبب نہ صرف پاڻ تباهہ ٿيا پر انهن جا اهي آڏاڻا ۽ ارٽ سڀ تباهہ ٿي ويا. سنڌ جي ان معاشي حالتن کي لطيف انهن بيتن ۾ بيان ڪري سنڌ جي تباهيءَ جي

تاريخ لکي آهي. جڏهن سنڌ جي صورتحال نازڪ ٿي وئي، اقتصادي تباهي اچڻ لڳي، نہ ووٽن جا فصل رهيا نہ اهي ڪتاريون، تہ لطيف ماضيءَ وارين حالتن تي نظر ڪندي چوي ٿو:

ڪِـتـي ڪِـتـي ڪـالَ، اَڄُ نـہَ آتَـڻَ آئِـيُـون،
اَرٽَ اُڪـلِـي مـالَ، پُـورِي ويـيُـون نِـجُـهـرا.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو تہ: ”سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت جو عروج، سنڌ جي زرخيز زمين ۽ سنڌي هنر مند پورهيت جي محنت جو مرهونِ منت هيو، جڏهن تہ هن انمول صنعت جو زوال ملڪي دلالن جي غدارانہ پاليسن، نفعي خور واپارين جي هوس پرستي، هنر مند پورهيت جي بي پرواهہ طبيعت ۽ ڏارين حاڪمن جي ظالمانہ سياست جي ڪري وجود ۾ آيو“.(15)اهڙي ملڪ جي تباهيءَ ڪان پوءِ ماڻهن ۾ مايوسي، سستي ۽ ڪاهليءَ جهڙا عنصر اڀرڻ لڳا.ملڪ ۾ اهي نہ ڪتڻ وارا، نہ صراف، نہ ووڻ رهيا پوءِ ماڻهون مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻ لڳا. اهڙين حالتن ۾ لطيف ديس واسين جو رهبر ٿي، انهن کي همٿ ڏيندي چوي ٿو:

پَڳُـوئِـي تـوُن پـيـرِ، جـانسِـيـن رَتـو راسِ ٿِـئـي،
بُـرِيَ بـيـڪـارَيَ سـيـن، هـارِي! پـاڻُ ۾َ هـيـرُ،
ڪِتُ ڪِتَندي ڪيرُ، نَنهن سيئن نيزاري ڪري؟

ٻئي بيت ۾ انهن هنرمندن جي هٿن کي سون جهڙا سڏيندي صلاح ٿو ڏئي تہ:

سونَ سرِيـڪـا هَـٿَـڙا، ڪـوهـہ نـہَ ڪِـتـيـن رَڍَ؟
ويهِي ڪُندَ ڪاپو ڪَرِ، گُهتـوُن گـوهِـيـون ڇَـڍِ،
تہ صَرافاڻي سَڏِ، مَرَ ڪِـيـو هـونـدَ مَـتـائِـيـيـن.!

لطيف سنڌ جي خراب اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪندي، اها هدايت ڪئي آهي تہ هن اجڙيل ۽ ويران وستيءَ کي وري آباد ۽ خوشحال بڻائڻو آهي. ان لاءِ ويهي ويچار ڪجي، ڪا ڳڻ ڳوت ڪجي. فقط افسوس ڪرڻ مان ڪجهہ نہ ورندو، پر همت ڪري وري پنهنجي وطن کي آسودو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ دل سان ڪم ڪرڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو. جيئن هن وائي ۾ لطيف چئي ٿو.

ڪـا هِنئين سيـن لاءِ، پـورِي! ڪـا هِـنـئـيـن سيـن لاءِ.

## اجتماعيت جو فلسفو:

لطيف هن سر ۾ آتڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، جيڪا هڪ علامت آهي. ”آتڻ اها جاءِ آهي، جتي خوبصورت عورتون، پنهنجي قرب ۽ پيار جو هنر پکيڙن ٿيون. آتڻ سُرخرو ٿيڻ يا جدوجهد جي علامت خور بہ مڃيو ويو آهي.اهو هنڌ جتي مقصد جي

حاصلات ٿئي ٿي، مقصود ملي ٿو تاريخ جا سچا فيصلا صادر ٿين ٿا."(16) هن سر جو فلسفو پورهئي ۾ هنر ۾ مرد ۽ عورت جي هڪجهرائي حيثيت ۾ شراڪت ۽ ڪپڙي جي صنعت، انفرادي ۽ اجتماعي ترقيءَ جي ضمانت آهي. آتڻ سنڌ جي عورت جي سماجي وهنوار جو اهم محور ۽ مرڪز رهيو آهي. جتي عورتون گڏ ٿي نہ رڳو زندگيءَ جي هر مسئلي تي حال احوال ڪنديون هيون. آتڻ جي جاءِ تي هٿين خالي ويهڻ، سستي،ڪاهلي ۽ هيٺائي ڏيکارڻ ۽ اڪيلو ويهي اجايا پورپچائڻ، نہ رڳو ڏيٺپي ڪوٺ ۽ وِڏ شمار ٿيندي هئي، پر ان جو مطلب چسي، ڏڏ ۽ اڻپوري عورت ورتو ويندو هو.ان لاءِ لطيف سجاڳ ڪندي هن وائيءَ ۾ چئي ٿو:

پَهيُون تَن جون جهرڪَن جهوريُون، پيو اُڏائي واءُ،
پوري! ڪا هنيين سين لاءِ،
اَرٽَ پاسي اوجهرِين، تُوڪي سُمَهڻَ آئيو ساءُ.
پوري! ڪا هنيين سين لاءِ،
اَديون عبداللطيف چي، روئِي ريجهائي راءُ،
پوري! ڪا هنيين سين لاءِ،

سستي ۽ ڪاهلي سبب انسان ڪڏهن بہ ترقي ڪري نہ ٿو سگهي، ڪاهل ماڻهو هميشہ بين جو محتاج ۽ مالي مشڪلاتن جو شڪار رهي ٿو. لطيف سست ۽ ڪاهل ڪاپائتيءَ سان هڏ وهاڻي جي لقب سان مخاطب ٿئي ٿو. "دراصل جڏهن انسان محنت ڪان منهن موڙي،ڪاهل بڻجي ڪري پوي ٿو، تڏهن ڪانئس ڪوبہ سچو عمل ٿيڻ جي اميد ختم ٿيو وڃي ٿي. لطيف جو ڪلام انسان کي هئڻ جو احساس ۽ اجتماعي وجود جو اڻ ٽر نشان ۽ معاشري ۾ مٿيرائي جو شعور ڏئي ٿو.انسان کي قوت، هنر ۽ مهارت سان اڳتي وڌڻ جي صلاح ڏئي ٿو.لطيف انهن هنرمندن کي اهو جوش ڏياري ٿو، حالتن کي مٽائڻ لاءِ محنت جو جذبو جاڳائڻ لاءِ چوي ٿو:

هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي، تُون ڪَڙهہ ڪالهوڻي ڏينهن کي.
اُٿــي اوڙُ اَرٽَ سين، ويهہ مَ ويڳاڻي،
تہ صَراَف سُياڻِي، موتائي هَٽَنَئي مُنهن تي.

هن سر ۾ لطيف محنت واري مفهم جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو، ۽ مايوس قوم جي ماڻهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. لطيف فرماي ٿو:

سُٽُ اُنِين جو سَڦَرو، جي پَرِ ۾ پِچائِين،
آوازُ اَرٽَ جو، ساهہ نہ سُڻائِين
لِڪايو، لطيف چي، ڪَنبِيو ڪتائِين،
جي ماڻِڪ موتائِين، تہ پہ مُل مَهانگو اُنِ جو.

لطيف پنهنجي ماحول ۽ ماڻهن جي پيڙا کي محسوس ڪندي سنڌي سماج ۽

انسانيت جي تبديليءَ لاءِ اڪسائيندي علامتي انداز اختيارڪيو آهي. جنهن ۾ هن سٽ،چرخو، سون، صراف،مونا(ائٽ جي ڪاٺيون) مال(ڏور)، وغيره عام شين جا اهڃا تصور ڏنا آهن، جو انهن مان ازلي سچ ۽ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي. لطيف انهن علامتن جي ذريعي سيني مردن ۽ عورتن کي پورهئي جي تلقين ڪري ٿو. ”ڪاپا ئتي جي شاعري سنڌ ۾ انسان جي ثقافتي سرگرمي جي پد، بنياد ۽ ڳڻ کي ظاهر ڪري ٿي.سنڌ جي روايتي ثقافتي محور ”اوطاق“ جي جاءِ تي ”آتڻ“ اها ڪمي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي انساني قدرن،معيارن ۽ لڇڻن جي گهاڙ سان گڏوگڏ پورهئي ۾ مهارت، سر جوشيءَ اورچائي، اجتماعي گهڻ پلائيءَ پوري دلجمعي سان پورهيي (پيشي) کي پاڻ اربڻ ”آتڻ ۾ ويهڻ“ آهي. جن آتڻ ۾ ويهڻ نہ چاتو سي جڻ پنهنجي انساني منصب ۽ ذميواريءَ جي اعليٰ آدرشي ڳڻ کان وانجهيون رهيون“.(17) هن سر ۾ انساني ذميوارين جو ذڪر ملي ٿو. ڪاپائتي جيڪا پيڙهيءَ، وچوٽي، رنگ نسل،ذات ۽ نيات جهڙي سماجي مرضن جو شڪار نہ هئي، آتڻ ۾، سرتين جي ساٿ ۾ ويهي ”اجتماعي پورهيو“ ڪندي هئي. جنهن سان هن جا منتشر خيال ”اجتماعي جاڳرتا“ جي روشني ۾ سندس هٿ لوڏي نہ سگهندا هئا، سندس سرت جو سائو باغ اجاڙ نہ ٿيندو هو. ”لطيف پنهنجي سماج کي هڪ آدرشي انسان جو تصور ڏنو ۽ اجتماعي وحدت ساڻ روشناس ڪيو، جنهن سان سنڌي سماج کي خصوصاً ۽ ڪائنات کي عموماً خوشحال بڻائي سگهجي ٿو.هن انسان کي قومي تهذيب جي ارتقا لاءِ پنهنجي حصي جي فرض جي ادائگي جو احساس ڏياريو ۽ حال ۾ جدوجهد ۽ محنت ۾ ياڳي پائيوار ٿيڻ سان ئي سر خرو ٿيڻ جو درس ڏئي ٿو. لطيف تاريخ جي فيصلن کي چاٽي پيو انصاف ڪندڙ،حق ۽ باطل ۾ فرق وجهندڙ هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن، اهي تڪي توري فيصلا ڏيندا آهن.ان ڪري تاريخ جي سچائي وارن فيصلن ۾ سر خرو ٿيڻ جو هڪ ئي ذريعو آهي ”آتڻ ڏانهن اچڻ“.(18)

تُوڙي تُون وَڏِي ٿـئـيـن، تـوءِ اُٿِـي آتَـڻ آ،
ٿِي پيِڙِي پيرَمَ وارِيين، پِي هَڏِ ڪَرِ مَ ڪا،
تہ صَرافُ تو صُباح، ڪوٺي ڪاتارِنِ سين.

(نوٽ: هن مقالي ۾ بيتن جي چونڊ، غلام محمد شهواڻي جي مرتب ڪيل ”شاهہ جو رسالو“ جي سر ڪاپائتيءَ مان ڪئي وئي آهي)

حوالا:


1. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”شاهہ جو علامتي شعور“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2007ع ص 56.
2. شاد بشير احمد ڊاڪٽر، ”سر ڪاپائتيءَ ۾ پيار پرئي پورهئي جو پيغام“، مرتب: حميد سنڌي، ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1991ع،ص 141.

3. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”شاهه جو علامتي شعور“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2007ع ص 61.
4. ايضاً، ص 62.
5. شاد بشير احمد ڊاڪٽر، ”سر ڪاپائتيءَ ۾ پيار پرتي پورهئي جو پيغام“، مرتب: حميد سنڌي، ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع، ص 41.
6. بخاري سيد بچل شاهه، ”سر ڪاپائتي سرت سجاڳيءَ جاڪوڙ جو سڏ“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع، ص 151.
7. آڏواڻي پيرومل مهرچند، ”تاريخ قديم سنڌ“، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع ص 315.
8. چبلاڻي-ايس-پي، ”سنڌ جي اقتصادي تاريخ“، ص:117. بحوالا سوڍر شهنواز ”سر ڪاپئتيءَ جو پسمنظر“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع.
9. ايضاً، ص 20.
10. هينري پاٽينجر، ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سئر سفر“، ص 352.بحوالا سوڍر شهنواز ”سر ڪاپئتيءَ جو پسمنظر“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز،1991ع ص20 .
11. مولائي شيدائي، ”سنڌ جا قديم بندرگاهه“، حيدرآباد: سنڌي ادبي سنگت، الوحيد آزاد نمبر ڇاپو ٻيو، سال 1979ع صفحو 80. بحوالا: پريتم پياسي، ”سر ڪاپائتيءَ جي ڪهاڻي ۾ ثقافتي جائزو“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز،1991ع. ص73.
12. رحيمداد خان مولائي شيدائي، ”تاريخ سنڌ“، ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي، 1959ع،ص 83.
13. مبارڪ علي ڊاڪٽر، ”مغل دورحڪومت“، لاهور: نگار شاتميان چيمبرز، ٽيمپل روڊ، 1987ع، ص 56.
14. شيخ ابوبڪر، ”سر ڪاپائتيءَ جو مختصر تاريخي جائزو“، مرتب: حميد سنڌي ”سر ڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز،1991ع. ص 88.
15. سوڍر شهنواز ”سر ڪاپئتيءَ جو پسمنظر“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع. ص 25.
16. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”شاهه جو علامتي شعور“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2007ع ص 109.
17. سومرو شمس ڊاڪٽر، ”پورهئي جي هاڪاري ساک ڪاپائتي“، مرتب: حميد سنڌي ”سرڪاپائتي“، حيدرآباد: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز،1991ع. ص 123.
18. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”شاهه جو علامتي شعور“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2007ع ص 60.